StudentBounty.com

# سنڌي (لازمي) - ايس ايس سي -I

وقت: 3 گھنٹے | کل نمبر: 75

---

سوال 1. هيٺين مان ڪنهن به هڪ تي سهڻي سنڌيءَ ۾ مضمون لکو:- (10)

I اسان جو پيارو پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم  II صفائي اڌ ايمان آهي

III ٻهراڙيءَ ۽ شهر جي زندگي  IV سچ ته بيٺو نچ

سوال 2. پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏي خط لکي مئٽرڪ ۾ اي-ون گريڊ جي مبارڪ لکو- يا (05)

پنهنجي ڪلاس ٽيچر ڏانهن ٻن ڏينهن لاءِ موڪل جي درخواست لکو-

سوال 3. هيٺين سوالن مان ڪن به ٽن جا جواب لکو:- (09)

i توحيد جو نظريو ڇا تي زور ڏيئي ٿو ؟

ii ڦاريه کي مارئيءَ جي ڪهڙيءَ ڳالهه متاثر ڪيو ؟

iii آمريڪا جي قومي سياڻپ جو نشان ڪهڙو آهي ؟

iv ڪيرٿر جبل ۾ مکيه نشانيون ڪهڙيون آهن ؟

v سڀني کان پهريان ڪهڙو ڪمپيوٽر ٺهيو ؟

سوال 4. هيٺين مان ڪنهن به هڪ جو خلاصو لکو:- (05)

i حضرت امام حسين رضي الله عنه  ii عقلمند بادشاهه

iii بچت

هيٺين مان ڪنهن به هڪ شاعر جي زندگيءَ تي نوٽ لکو. (05)

i. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
ii. مرزا قليچ بيگ
iii. حاجي احمد ملاح

سوال 6. هيٺين بيتن مان ڪن به ٽن جي سمجهاڻي لکو. (09)

i. سا ست نه سارين الف جنهن جي اکر
ناحق نهارين پنا پيا پڙهين لئي

ii. هن سرزمين کي نبيﷺ نبي صلوٰة جا بخشيا ثواب
تن جي چارڻ ڪيا ٿين باجن و بشراي اسمان

iii. لوڙي درياءُ يا سمنڊ هجي
تيو طلب يارم ترڻ واجب

iv. ڪندو قوم جي جيڪو خدمت هميشه
اهو ملڪ و ملت جو مهندار ٿيندو

سوال 7. هيٺين مان ڪن به ٽن جا حوالا سمجهايو. (10)

I. توحيد جو نظريو، هڪ خدا جي تصور ڏيڻ سان گڏوگڏ انساني برابريءَ تي پڻ زور ڏيئي ٿو

ii. ڪنڌ ڦيرايون ته واهه عجب عالم نظر آيو جنهن سڀ ڏک ڏاڪڙا وڃايا.

iii. پراڻا انهيءَ عرصي ۾ ماڻهو مرندا ته سهي! حساب برابر ٿي ويندو



StudentBounty.com

StudentBounty.com

IV هاڻي ڏيهه نيڪالي اٿئي جيڏانهن ڄڄو آهين
تيڏانهن هليو وڃ.

(05) سوال 8. هيٺيان خال پريو :-

الف. I پاڻ سڳورا غلامن کي پنهنجي گهر جو ............ سمجهندا هئا.

II پاڻ سڳورا ........ جي سار سنڀال لهندا هئا.

III ........ ايڪي اتحاد جو ٻيو نالو آهي.

IV مارئي جو گهر ملير ۾ ............ هو.

V گوڙک جي چوٽي سمنڊ جي مٿاڇري کان ........ فوٽ اُچي آهي.

(03) ب. هيٺين محاورن مان ڪي به ٽي جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:-

I دل ٻهلائڻ II سر جو سانگو ڪرڻ
III ننڊ حرام ڪرڻ IV سور آهر

(03) ج. هيٺين جا ضد لکو :-

I نيڪي II سخي III ڀلائي

StudentBounty.com

(06) د .. هيٺين مان ڪنهن به ٻن جون وصفون لکو:-

زمان ماضي شرطيه - ظرف - فاعل

(05) سوال 9. سنڌي سليس ۾ ترجمو ڪريو:-

If we just think for a few minutes how many things and services we use in one day, we shall realize how much we owe to society.

—— 1SA-1132——